


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مينھن ڪٽيون

(شاعري)

شيخ اياز

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1999ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ROSHNI BOOK NO. 156

ڪتاب جو نالو: مينهن ڪڻيون
موضوع: (شاعري) هائيڪو
شاعر: شيخ اياز
ڇپائيندڙ: (C) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد
ڇاپو پهريون: 1999ع

**ILMI GRAPHIC PRINTING PRESS - KARACHI PH: 6372706**

MEENAHN KANYOON
(SINDHI HAIKU)

Poet: **Shaikh Ayaz**
Published by: © Roshni Publication, Kandiaro
Printed by: Fine Communication, Hyderabad
First Edition: 1999

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

سوٻي گيانچنداڻيءَ
حشو ڪيولراماڻيءَ
۽
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ
جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

شيخ اياز سان منهنجي پهرين ملاقات خيرپورميرس جي سرڪٽ هائوس ۾ ٿي، جتي هُو غلام عباس ٻنيري جي دعوت تي ٻالڪ سنگت جي ڪنهن جشن ۾ آيل هو، هُن جي گُهور جو ڦهلاءُ نيري آڪاس تي ۽ دل جو ڌيان پنهنجي آڱرين ۾ اٽڪيل سگريٽ تي هو. اُها ملاقات بنهه مختصر هڪ پتنگ جي جياپي جيتري هئي، مُون اجان مس ادبي وکون کڻڻ شروع ڪيون هيون، وچ ۾ تمام گهڻو عرصو وهي ويو ۽ ڪيترين ئي لهرون ڪيترن سالن کي لوڙهي ويون. ٻي ملاقات مون سان ٽس ڪراچيءَ جي پرنس ڪامپليڪس واري فليٽ ۾ ڪئي، جنهن ۾ مون سان نوجوان شاعر حبيب ساجد، امر اقبال به هئا، اُها ملاقات ڪجهه گهڙي ۽ ڪجهه ويجهڙي رهي، جنهن ۾ اسان ڪجهه موضوعن تي ويچار ونديا، جڏهن ته ٽين ملاقات مون شيخ اياز سان، پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب ”ياد جي نيري ندي“ جي حوالي سان ڪئي، جيڪو مان هن لاءِ نواب شاهه مان ڪٽي آيو هوس، مون سان سڪندر ملاح به هو، اياز ڪتاب جي ڇپائي ۽ ٽائيٽل جي چونڊ کي پسند ڪندي اجان اظهار به نه ڪيو هو ته، مون سندس آڏو هڪ گذارش رکي ته مون وٽ هڪڙو خيال آهي ته، توهان جا هائيڪا ڪنهن نئين انداز سان ڇپرائجن، پوءِ مون پنهنجي خيال جي ريشمي پاند کي سندس آڏو کولي رکيو ته، هڪ صفحي تي ٽي هائيڪا هجن، جن مان وچين هائيڪي تي هڪڙو لاڳاپيل خوبصورت اسڪيچ هجي، جنهن کي پڻ هڪ پوري صفحي تي جاءِ ڏجي، خيال جو اظهار ڪندي مون اها به گذارش ڪئي ته اِسڪيچ جو ڪم دراصل آرٽ سان تعلق رکي ٿو، جنهن ڪري ان ۾ اينٽري تڪڙ ٿي نه سگهندي، ڇو ته مصور جي مرضيءَ جو خيال به رکڻ ضروري آهي. مون مصور لاءِ پنهنجي دوست ۽ نوجوان آرٽسٽ اي. آر آزاد جو نالو کنيو، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اياز سان هن ڪان اڳ ڪو خاص يا عام تعارف ٿيل نہ هو، نہ وري ڪو سندس آرٽ جو ٿيل ڪم بہ ڪو هن ڏٺو هو، بس منهنجي پيش ڪيل خيال جي خوبصورتيءَ ڪي ڇُهي، اياز صاحب ها ڪئي ان هڪدم پنهنجي ڊرائيور کي سڏيو ۽ کيس هدايت ڪئي تہ ڪنهن خاص فوٽو اسٽيٽ واري دڪان تي اسان سان گڏجي هلي تہ، جيئن اسين سندس هائيڪا فوٽو اسٽيٽ ڪرائي سگهون.

مان اياز سان مُرڪي موڪلائڻ کان پوءِ سڌو سانگهڙ آيس جتي اچي اي. آر آزاد سان مليس، جنهن کي پنهنجي تصور ڪيل سچي خيال جي ڪينواس جي آگاهي ڏنم، هو جنهن تي گهڻو سرهو ٿيو ۽ حامي ڀريائين تہ مان اياز جي هائيڪن تي ضرور ڪم ڪندس، جيتوڻيڪ مون هن کي هڪڙي اسڪيچ جو ملهہ صرف اينرو ڏيڻو ڪيو، جنهن مان مس هو مس قلم ۽ پنو ئي خريد ڪري ٿي سگهيو. پر مون جيان هن لاءِ بہ شيخ اياز جو نالو وڏي مان وارو نانءُ هو، جنهن ڪري هُن وڏيڪ ڪي بہ شرط ڪونہ رکيا ، اهڙيءَ طرح هن اسڪيچ ناهڻ ۽ مون ان جي پيش رفت ڏسڻ لاءِ پئي پنڌ ڪيا ، ٻئي طرف اياز صاحب کي جيئن تہ ڪتاب بابت گهڻو الڪو هو، تنهن ڪري هن ستار پيرزادي معرفت مون ڏانهن بہ ٽي نياپا ڪيا تہ ڪتاب جو ڇا ٿيو؟ هيڏانهن مون پئي سوچيو تہ گهٽ ۾ گهٽ سئو اسڪيچ تيار ٿي وڃن تہ مان اُهي هڪڙي ساهيءَ ڪٺي وٽس پيش پوان، نيٺ هڪ سال جي گذرڻ کان پوءِ مان وٽس تقريبن هڪ سئو اسڪيچ کڻي ڪراچي پهتس، مون سان گڏ نوجوان شاعر سرتاج جاگيراڻي بہ هو، اسڪيچ ڏسڻ کان پهرين اياز مون تي ڪاوڙجي پيو، پر جڏهن هڪ هڪ ڪري اياز اسڪيچ ڏٺا تہ مون ڏانهن پيار جي مُرڪ اڇلائيندي چيائين، مون کي اها خبر نہ هئي تہ ڪو هي تون ايڏو وڏو ڪم منهنجي شاعريءَ تي ڪندين، ۽ پوءِ هن مصور جا تفصيل پڇڻ شروع ڪيا ، ۽ هن جي ساراهہ ڪندي چيائين تہ سچ هي آهي تہ آرٽ جي نالي ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ خاڪ ڇاڻي پئي وڃي، هي تہ ڏاڍو ڪو خوبصورت مصور آهي، جنهن منهنجي هائيڪن کي روشني ڏني، اُهي جيئرا ڪري ڇڏيا آهن، مان پيش لفظن ۾ هڙهي مصور بابت ضرور ساراهہ جا لفظ چوندس. پر وڏو افسوس تہ اياز پنهنجي ان هائيڪن جي ڪتاب ”مينهن ڪڻيون“ جا نہ باقي نهيل اسڪيچ ڏسي سگهيو، نہ وري ڇپيل ڪتاب، جنهن جو الڪو اياز جيان اي آر آزاد کي بہ هو؟ جڏهن اياز اسان کان وڇڙي ويو تہ، مون کان بلڪ ڪيترن کان وڏيڪ صدمو آزاد کي رسيو، ڇو تہ هن جي اندر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اها ڪلپنا هئي تہ ننڍي ڪنڊ جو مها شاعر جڏهن پنهنجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائيڪن سان گڏ سندس اسڪيچن ڪي ڏسندو ته يقينن اهو هن لاءِ وڏو اعزاز هوندو، جنهن کان هو محروم رهجي ويو.

سچ اهو آهي ته اي. آر آزاد تمام گهڻي موهه ۽ پيار مان اسڪيچ ناهيا آهن، جنهن ڪي ڏسي اکين جا احساس سراپا اڏامر جو تصور بنجي وڃن ٿا، پر انهن جي ڇپائيءَ لاءِ اجان هن ڪي ڪجهه انتظار ڪرڻو آهي.

ڇو ته اسان جي پياري علي نواز گهانگهري روشني پبليڪيشن جي پبلشر جو خيال آهي ته، پهرين شيخ اياز جا هائيڪا ڇپجڻ گهرجن، ڇو ته، بنيادي اهميت هائيڪن جي آهي. جيڪڏهن پهرين ئي هائيڪن سان گڏ اسڪيچ ڇپبا ته هائيڪن جا احساس پس منظر ۾ هليا ويندا. سو هائيڪن جي ڇپجڻ کان پوءِ اسڪيچ ڇپجڻ گهرجن ته جيئن شاعر جي هائيڪن جي بنيادي اهميت قائم رهي. مون ڪي هن جي خيال سان ان ڪري به اختلاف ناهي جو هُو بيءَ ويهڪ ۾ اسڪيچ ڇپائڻ جو خيال رکي ٿو، جن جي پڻ هائيڪن جي ون ۽ واس جيان الڳ اهميت آهي، پر انهن جو Thought وري به هي هائيڪا ئي آهن، جن جي تصوريت آزاد کان اسڪيچ ٺهرايا آهن.

اياز جي سچي شاعري سون آهن، ان ۾ ڪٿي به مٽ ناهي، مون هنن هائيڪن ڪي ور ور ڪري پڙهيو آهي، جن ۾ اياز نوان تجربا به ڪيا آهن ۽ ڪيترا هائيڪا چند ڪان هتي علم عروض تي به لکيا اٿس، دراصل اياز پنهنجي شاعريءَ جي راهن تي ان پوپٽ جيان هو، جنهن ڪي اُڏڻ ۽ ساهي کڻڻ لاءِ ڪنهن گل کان يا گلن جي ماليءَ کان آگيا وٺڻي نه پوندي آهي. جنهن ڪري شيخ اياز پنهنجي شاعري ۾ مسلسل تجربا ڪندو رهيو، جنهن ڪي اسين سندس ڏيڊ سٽن کان وٺي هنن هائيڪن تائين محسوس ڪري سگهون ٿا. اياز جي هنن هائيڪن جي فڪري گهرائيءَ، نازڪپڻي ۽ خوبصورتيءَ بابت مان ڪا به سٽ نٿو لکان ڇو ته اُهي پنهنجي آرسي پاڻ آهن، جن ڪي ڏسڻ سان خود اکيون ان رسائيءَ تائين پچي وڃن ٿيون، جتي اياز رسي اُهو حُسن محسوس ڪيو جيڪو يا ته خوابن ۾ هوندو آهي، يا وري اياز جي شاعريءَ ۾.

وسيم سُومرو

حيدرآباد
23 جولاءِ 1999ع.

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو.



شفق جو ليڪو
چڙهندڙ جنديءَ تي ڌورڙو
آهي ڪاتيءَ جو.

○

ڪتيءَ توڙي مانگهه
آهي پوئين پهر ۾
مونکي تنهنجي تانگهه.

○

نچن ٽپن ٽا
تو جهڙا شاعر ڪٿي
ڪنهن کي لڀن ٽا؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪجهڙو انسان
جهڙو پاسو تون ڏسين
ترُ يا چولستان.

○

ڪاتي پَند ڪُٽي
ڪِئن چئجي ڪنهن جاءِ تي
پنهنجي تند ٽُٽي!

○

هئن منهنجي تقدير
آهيَ گنجراٽي چِڏي
چالئہ تو ڪشمير؟

○

جڻ ڪا ڪانچ گُڏي
هي دنيا جا اوچتو
تالان والان ٿِي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو اي منهنجي ذات
ايڏي ڪمزوري هئي
تنهنجي عورت ذات؟

○

ميان، مان وهمي!
توکي پنهنجي پاڻ لئه
ڪيڏي خوش فهمي!

○

درد وِيو وسري
ڏس، هِي ليڊي ڊاڪٽر
جَڻ جهڙي مصري.

○

ڏارو ڏارين تي
اُڪريءَ ڏي ايَندا ڏسي
ڪانگ اڏارين تي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمرجنسي وارڊ
ڪير اچڻ ٿاھي پيو
ڪنھن جو آھي ڪارڊ؟

○

ٻان منھنجو بستر
ڪيڏي سهڻي ترس آ
جڻ ڪو ڪبوترا.

○

من موھي تو منڊ
آڱريون جڻ مينھن جون
ڇُھن پيون چنڊ.

○

گھر ڪيئي تڪرار
مان ۽ منھنجي شاعري
مان يا منھنجا ٻارا

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن اچانڪ ٿيءُ!
گذري ويندينءَ نيٺ تون
رات ڀيانڪ ٿيءُ!

○

ڪيڏيون تباهيون!
آهن ساريءَ سنڌ ۾
ٻاهيون ٿي ٻاهيون!

○

هيئن هٿين خالي؟
مون پانيو پيغام آ
پر هي ٿپالي...

○

پڌري ٿي پرڀات!
آخر رهندي ڪيترو
هيءَ ڀيانڪ رات؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَڄ، وڄ مينهون ڇارِ!
آنءُ نہ تولئہ تار ڪي
ڀيھر ڪندس پارِ.

○

ڪڪر ڏس ڪارا!
جهڙ ۾ جهڪمن ڪين ِتا
هاٿي تہ تارا!

○

مٿان منڊ رنو
ميڇي ڦاٿي ڄار ۾
هيٺان سمنڊ رنو.

○

”ماڪ ڦڙا ڪيڏانهن“
”هو جُي گُلّ گلاب جا
خوشبو آ جيڏانهن.“

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ۾ اک ڪُتّي
جنهن ڪي سوسيءَ جو وڳو
ملتاني جُتي.

○

اڄ تائين مون سار
ڪنهن جوَ اڳت زيشمي
سوسيءَ جي شلوار.

○

من ۾ چا نہ امنگ
هُو جا شفق شام جي
گربيءَ جهڙا رنگ!

○

ماٺ بہ ايڏي ماٺ
هاٺي ڪجهہ چپ چور تون
توڙي ڪانئون ڪاٺ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن سانِ لنوَ لاتئي
ٻاڙها ٻانا پَٽّ جا
ٻچيءَ ۾ پاتئي؟

○

مڇيون ڳولن ٿيون
هيڏي ساريءَ سَمنڊ ۾
ڪنهن کي ڦولن ٿيون؟

○

جڻ جاٽي واٽي
هن ساري سنسار جي
ڪوڙي ڪهاڻي!

○

هي جا عِشا بانگ
پيا پئي اُپّ ۾
جنهن جا دور ڇلانگ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذري رات وئي
ڪئن آ مندر گِهندَ تي
پوپٽ نند ڪئي!

○

آهي جڻ تہ چراغ
پيشانيءَ جي طاق تي
هو تهجد جو داغ!

○

اي ازلي آواز!
چو سپ حيرت ۾، پڙهي
مون جنهن وقت نماز!

○

ساري رات سماع
پٽ ڏٽيءَ جو وجد ۾
پوئين پهر وداع!

○




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ڪي قوال
ڪجهہ بہ نہ جنهن جي پيٽ ۾
سارو مال منال؟

○

آهي اذان وير
هوءَ پئي مٿان مصلي
تاهي گهگهي گهير،

○

توڪي وڄ وجود
روئي ڪري جئن پڙهيہ
ساري رات درود!

○

ڇا هي منهنجو ديس؟
ڇا هي ديسي آهہ جنهن
پاتو منهنجو ويس!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَڄّ هٽڻ تائين
هن اونداهيءَ رات ۾
سارو وقت مِرون.

○

هِي پاٽيءَ ۾ گهڙَ
منڇر پڇي مانڙي
پرسان ساوا سَرَ!

○

هيءُ تہ آ ڪجهہ اور
ڪالهہ ڏٺو تني واٽڙو
ٻُڌي شاهہ لهورا.

○

اڄّ بہ مئا ٻارَ
ڊالر اگهہ چڙهي ويو
روزاني اخبار.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ تہ پڪڙي پيھہ
هُئي رستي تي لاش وٽ
ڪيڏي گپّا گيهہِ!

○

هاڻ نہ اِن ڪي ساريِ!
اُن جو ٻالو ڇو رکيو
تو دلي بازار؟

○

ڪيڏا مرن ٿا
پو بہ شهر وهيِ پيو
پو بہ نہ ڏرن ٿا!

○

سَرءُ واءُ، زمين
پن ڇڻيان جيئن واءُ مان
چوڌاري ڦالين.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦِٽي منٺي ننڊ
وڃن پيا واءُ ۾
ڪيڏا سَرءُ گهنڊ!

○

ڏس هي ماڪ ڦڙا
ڪنهن تہ گلابي ويس تي
پريا هِيئن ٻُڙا.

○

ڪيڏي چانڊوڪي؟
شاعر پنهنجي ڪلڪ جو
اڄ آهي روڪي!

○

ڪڪر مينهن منجهان
ڪارونجهر جي ڪورَ تي
دل چيو "وڃ نہ هتان"

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين سِجُ اُيارَ
آڏيءَ جو خوفائتا
ڪيڏا هيٺ اُتارَ.

○

ڇا هيءَ منهنجو ڏڪُر
جنهن مان تيزيءَ سان وهيو
آهي منهنجو رَتُ!

○

ڇا ڇا جهلڪيا هير جا
ڪنهن ڦلواڙيءَ ۾ اِهي
اڄ وارا گُل ڪونه ها!

○

ماڻِ، اِنهيءَ کي ماڻِ
هي جا گهاٽي مينهن ۾
سانوڻ جي سانواڻ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ صدي اِڪويهہ
ڳاڙها گُل گلاب جا
ڪونہ رهيا تشبيهہ.

○

ڇا ڇا سارون مِن
جڏهن ڪتيءَ مينهڙا
سانجهيءَ ويرَ سِمَن.

○

مذهب ڪمَ آيو
ماديّت ڪنهن ڪَي جڏهن
ڪُلهئون ڪيرايو.

○

ميان، هي بوتل!
مٿان جُهڙ ڦُڙ اُپ جي
جيءَ نہ اچي جَهل.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو ٿو ڪائين خار
توئي پاڻ ڌڪي ڪري
مون کي ڪيو ڌار.

○

اي اسلام آباد!
مون، ڪنهن ڪنهن سانُ ڪار ۾
بارش آئي ياد؟

○

تازو ٻُور، هواءِ!
مون گهرُ ٻَرسان جا هُئي
نِمُ ڪيپئہ چالاءِ؟

○

تو لاهي ٽالهيون
کهڙيءَ آس اُميد جون
ڳوٺن ۾ ڳالهيونُ؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ويسوڙي واند
کهڙي جوني آسري
کهڙيءَ کُوڙيءَ کاند.

○

دير نہ وِجهُہ تو سنُهن
تولئہ وَنيءَ وانڍ مان
ٻاهر نڪتو مُنهن.

○

اوندهہ مَنجهہ چَتيون
آهن سانوڻ مينهن ۾
ڪنهن جون ڪاڙ - ٻتيون؟

○

ماءُ نسورو پيارُ
ڪائي جهوپيءَ ٻاهران
چانهين لاڙِي ٻارُ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِس، هي ڪير هُئو؟
تڙ تڙ سان بِندوقِ جي
جيڪو آهہ مئو.

○

هيءَ ڪلاشن ڪوفَ
دهشت گردِ لهولِهان
۽ چؤطرف خوف.

○

وسريا واهيرا ۽
واري وڻ طوفان ۾
کهڙا آکيرا!

○

مون کي هي تسڪين
تولئہ منهنجي شاعري
آ ديوار چين.

○




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَلَّ اُڏامن ٽا
ڪان ڪان ڪري واءُ ۾
آلَّ اُڏامن ٽا.

○

ڪيڏو مَنُ - اُلجهاءُ!
سَرءَ، سانجهيءَ هيڪلي
پن ڇڻ وارو واءُ.

○

ڪيڏو اُترڙو
واءُ ڳُهلي ٿَي هيڪلي
پکيءَ نہ پرڙو!

○

جيئڻ وِهہ پيئڻ
چئن نہ ڪو آرام آ
هي ڪهڙو جيئڻ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي آنءُ نہ آنءُ
هاڻ تہ منهنجو سار مان
ڏاپي ويو هانءُ.

○

ڇو تون ويڳاڻو
ٻيا سڀ ساٿي اڄ جا
تنهنجو سياڻو

○

هي سامهون ڇاهي؟
واءُ گهلي ٿي هيڪلي
ڪوئي نہ آهي.

○

سانجهيءَ جي ٽاٽي
ڇا لئہ منهنجي اڄ پٺي
پينگ وسي ياٽي

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھِلون ھيل ھزار
اڄ نہ ڪنڌيءَ وڻ مٿان
ڳيرن جي ڳٽڪار.

○

جيڪا گھڙي آھہ
توکانءَ سواءِ آنءُ ٻي
ھر شيءِ تڙي آھہ.

○

توکي واريان آنءُ
منھنجا سپنا جيئري
توکي ماريان آنءَ!

○

جيئڻ مرڻ تون
منھنجو ھن سنسار ۾
پيھر ورڻ تون.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن ڪيا ٿڌڪارَ
ٻيرَ پِيلا گُلڙا
لوڙهي پرسان ٻار.

○

مون سان ڪيائون
جيڏيون جُڻيون سنڌ ۾
وري نه آئون...

○

سچ سچو سنسارُ!
هٿ ۾ پوڙهي هٿ - ٻتي
اوندهه انڌو ڪارُ.

○

تون چاڙهين ٿو ڪيئن
يارب آن ۽ ڄمار کي
ڪاٽيو مارُن سِيئَن!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن تي مون زردي
پر ماڻهو هن ديس جا
ڪيڏا بيدردي!

○

تڏهن آئين يار!
جڏهن ڏٺئه مون مٿان
متيءَ تي مينار.

○

”مون جئن بکيڙو.“
نه تان ڪانوَ ڏسي ڇيو
پارن جو جهيڙو.

○

آ ڪيڏي برسات
ڌرتيءَ مٿان نورَ جي!
مديني جي رات.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏي دير نہ لاءِ!
اڄ، پنهنجو ڪهنبو رَئو
گربي سُتڻ پاءِ!

○

واريءَ جا وسڪارَ
جنگ بدر هت لڳي
واهُ عجب اِسرار.

○

ڏس هي گهوڙي سوار
پوڙهو پيءَ ڪرونڊڙو
ٻڌيءَ مٿان بار

○

پهتو هان ڪاڏي؟
آنءُ ادب سان تو ڏسان
غارِ حِرا ڏي

○




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجهو وِهاٽي
جڳ مڙيو ئي سپنو
آسو آڪاٽي.

○

پوڙهي ڪي وِجھٽو
اندر ڪيڏي ٻُتّ آ
وائک جو جهوتو.

○

پُڇ نہ، مونکان ڇو نہ؟
اڏرِي ويو جي هي پکي
موٽي ايندو ڪونہ.

○

ڪوئي اهڙو ڏينهن
ناهي تنهنجي شاعري
پانديچريءَ مينهن؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳُهڳهيءَ ڦِڙيءَ ۾
ڪيڏا گيت ڪَنا ٽِيا
ٽانگر ٽِڙيءَ ۾!

○

مٿن تي دِلا
هينان پاٽيءَ ۾ پُسن
ڳهڳها ڳِهر ڳِهلا!

○

ميان تون ڪوڙو،
توڙي تنهنجيءَ ٻانهن ڪان
پڪو آ چوڙو.

○

آنءُ نہ ڄاڻان، پَر
ڪهڙا تنهنجي ديس جا
ڳنل ۽ گولر.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ بہ ڪيڏا وَڻ!
مٿان ٻيرن ڇانو آ
هيٺان ٻَڪرين ڌڻ.

○

ڇو سارين ٿو، تون
جيڪا ڪالهہ قنوج ۾
مولسريءَ خوشبوِ؟

○

گونجي ڪونہ مڪان
ڦهلي ڪالهہ ٻلالِ جي،
اُيري جيئَن اِذانِ.

○

جيئني شال جيئي
هي جا ننڍڙي ٻارڙي
اَمڙ کير پيئي!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميان اچانڪ!
ڇُرا هنيئہ سانت کي
ڇو ايڏي بڪ بڪ؟

○

واهڙ جو سوچڻيئہ
تو جو ڇوڙي ڇيلڙي
ٻگهڙ جو سوچيہ؟

○

تون تو ڳولين مَڇُ
توکي ڪهڙي ٻوجهہ ڇا
آهي سَچُ اَسَچّ.

○

هتان وچ نہ نِرهہ
آئين ڪيڏي دور تان
ميان، هيءُ گِرهہ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏؤنرن ڏارَ نہ پُل
توڙي تنهنجِ هائڪو
جهڙو چيريءَ گُل!

○

تون ئي ساهڙ ساهَہ
ڪاري رات ڪچو گهڙو
دڙ لاتا درياهہ.

○

دور اثين نيندو
سرتا! شاهہ لطيف جيئن
ڪو شاعر ٿيندو؟

○

ڏاڍو ڏور عقاب
چاهي پيو چهنب ۾
چاڀان مان مهتاب.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن جي خوابنْ سان
تون اڄ وچڙيِنْ ٿو پيو
ڪيئن عقابن سانْ؟

○

تي شام تہ آڪيرو
جڻ باز پيو ڳوليِ
هِي يونءِ مٿان پيرو.

○

مهتاب ڇڏي ويندين
جنهن وقت مري ويندين
ڪجهہ خواب ڇڏي ويندين!

○

اکين چيو، ”ڇلّ
سامهون ڪيڏو سمنڊ آ!“
پر هي شور وَ غلُ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون وِچ عقابن ۾
منهنجي چو ڳذري وئي
ساري عُمر عذابن ۾؟

○

بيگاريءَ جي ڪَڙ
ٿبي پُل هيٺان ڏِئي
پريانِ کهڙا تَڙَ؟

○

ڪاڏي وڃين ٿو؟
اڳتي رستا اوپرا
مورُ نہ مڃين ٿو.

○

مان ء هي ماندڙاڻ
جيئنِ هرڻ ڪوڙڪيءَ
ڇڪي پنهنجو پاڻ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُکَ ئي ڏُکَ سَهندو
منهنجو روح رباب جئن
وڄندو ئي رهندو.

○

اکّ ڏسي آڏيءَ
هن چو پنهنجي مڙس کي
هٿ وڌو ڪاڏيءَ!

○

ڏَکّ کٽي چاڏيءَ
پوتيءَ کي ڏونئرو ڏنو
پيار منجهاڻ ڏاڏيءَ.

○

ڪيڏو اوچ لڪَن
منهنجي وات وجي پئي!
ڏاڳهن پير ڏڪن.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئن مري يا هونءَ
ماٺھو نيٺ مري وڃي
ڇا لئہ ڪنبي لُونءَ.

○

اُنن تي جھوٽا
ڪيڏو رستو تنگ آ
ٻوڙن رانيوٽا!

○

ڪيڏو سيءُ، اُلاءِ!
چوڌاري وينا اچي
ياءُ سجاتو ياءُ

○

آمّا او آمّا!
ڇاجي لاءِ ڇٽيو هُيئہ؟
هي لوڏا لمّا!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اطلس جهڙو وهُ
مجلس اُن جي ڪَڙ مٿان
چوياريءَ جو چاهہ!

○

ڪتيءَ ڪڪر جيئن
هي جو ڏنگا ڏينهڙا
گذري ويندا اٿين.

○

”توکي لڳو ڪيئن؟“
”ماڻهو پاڇا موت جا
پردي مٿان جِيئن.“

○

پائڻُ، ڪو آٿتّ؟
موت وسي ٿو مينهن جئن
سارا نالا رَتُ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُلڪن تا ٽولا
ڪلفٽن جي بيچ تي
بجليءَ جا گولا.

○

چوڌاري اَنڌيرُ
سياسي ماڻهو شَهر جا
ڄڻ ڪاريءَ تي پيرُ.

○

زالون ٿوڙي مرد
ڪمري ۾ ڏيمي بتي
ڪيئي دهشت گَرد.

○

گهٽيءَ ۾ فانوسُ
پاڻ لڪائي ٿو وڃي
حلقي ۾ جاسوسُ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن جي پيڙا ڏس!
ماڻهوءَ من ۾ ڪيترا
آهن ڪيڙا ڏس!

○

گويا ڙی گويا!
ڪالهه ڪراچيءَ شهر ۾
لاش پئي لويا.

○

اکيون جي آڙجن
تولئہ پنڙا پيار جا
گهڙيءَ ۾ گهڙجن.

○

ڪيئن وساريان ڏينهن
هو تنهنجون آليون چڳون
جن مان ٽپڪيو مينهن.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جيءِ اَچي ها
ڏاڍو مڏ متو هيو
ميڙو مَچي ها!

○

پاچا اُڏرن تا
هي منهنجي ديوانگي
چا چا اُڏرن تا!

○

هر پوڙهي مانجهيءَ
آهي نانءُ الله جو
سِڙُهِ جيئن سانجهيءَ.

○

ڪيڏو هيڪل آنءُ
مون کي ڪوئي ڏيڍ ڏي
منهنجو هيٺو هانءُ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ڇا سوچيو هو؟
ڇا تو ههڙيءَ لوءِ لَئہ
ايڏو لوڇيو هو؟

○

آنءُ نہ ڄاتو هو...
مستقبل ۾ ڪنهن پلا
ليو پاتو هو؟

○

راتڙيون، سُس پُس
ٻاهر در مان اوچتو
جهاتڙيون، سُس پُس.

○

دل جون دوائون
جن جو اثر ڪونہ آ،
ءِ پو دعائون.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا لَئہِ لنوِيو ڪانگُ ؟
منهنجيءَ دل ۾ ڪونہ آ
اڃ تہ سفر سانگ.

○

منهنجي دُعا منجهہ
اُهي سڀ انسان ها
جيڪي آهن ڏنجهہ.

○

مٿان مماتي!
آنءُ ڪٿي سمجهو اڄان
ڇاهي جياَتي!

○

ڇڻ تہ ڏماڪي تي!
مان تنهنجي ٻيڙهيءَ مٿان
پهرين ڏاڪي تي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنءُ تہ صلح ڪُل
ڪيڏا تپش ڏينھڙا
ڪوسِي واءُ نہ گُھل.

○

اڄ اي آزادي!
سِڄ ڏني آڪاس ۾
ڪنھن جي منادي.

○

دَر دَر ڍُهل وڄن
ڪيڏو ناچ ڪندي پيا
پنھنجا پير ڪڇن!

○

هيٺ نِوائي سِسُ
پنهنجيءَ رسيءَ تان ڪڏهن
اندو ڪوهہ بہ ڏِسُ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ انت نہ پارُ
پنهنجو ٻيڙو سِير ۾
تون ئي تارڻهار.

○

هو ڪعبي تي چنڊ
مان وينو هانءِ ڪُنڊ ۾
مٿان گهوري مَنڊ.

○

ڪجهہ بہ ماڻهوءَ وَسِ
آهي ساڳي روهڙي
بيڪس؟ ڪِٿ بيوس؟

○

ڇا جي. ايم. سيد
آهي تو وٽ اڳ جيان
اَڄُ بہ مُقيَدُ؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کهڙا نيتارا؟
کوس گهرن تي کيترا
هٽين لامارا.

○

ڪالهہ جوانيءَ ۾
ڪنهن سان راول ڍٺم تي
ڪشتي رانيءَ ۾.

○

گويا، ڙي گويا!
هتان جيئن اسپين ۾
لاش ڪڏهن لويا؟

○

شيلي، ڙِ شيلي
منهنجي تو جئن زندگيَ
ڪيڏي اڪيلي!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زولا، ڙي زولا!
منهنجي ساري زندگيءَ
تو وانگر رولا.

○

پرجي آيو هاڻ
ڪنهن در ڏيان دانهڙي
کهڙو ڏُکي آڻ.

○

اوهي پهي ڪونہ
پنهنجي پيرن تي ڪَڙيِ
آهي وهي ڪونہ.

○

فردوسي، طوسي
اڄڪلهہ تي ايرانَ ۾
واءُ لڳي ڪوسي!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄڪلھ گوليءَ ۾
مان جو ڪجھ توکي چيو
ڪالھ پروليءَ ۾.

○

تو تہ چيو ”سڀ هيئن؟
پر تون تتر ڪارڙو
ٿاهي سگھندين ڪيئن؟

○

ڇا مون کو ترتانءُ
هاڻ ڪراچي کي ڇڏي
ڪاڏي وڃان آنءُ؟

○

آيو ڪجھ جيءَ ۾
آنءُ هليو ويس اوچتو
مسجد نبويءَ ۾.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروانا سڀ ماتِ
پويان پڙڪا شمع جا
جيسين ڪُٽي رات.

○

نانا، او نانا!
ڇا اڄڪلهه گذري ويا
تنهنجا زمانا؟

○

اُجيءَ اک آڏيِ،
ماهيڙياڻيءَ ڪڇ ۾
لسيءَ جي چاڏي.

○

ڏاڏا، او ڏاڏا!
تنهنجا اڄ پهاڙ ۾
ڪيڏا ٻڙاڏا!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او منھنجا الله!
تنھنجي منھنجي وچّ ۾
اڄ ڪيڏا درياھ!

○

چنڊ ڪيو جو سڏ
ڪير ٺر تي گڏ جو
ڏس ھي گھايل ھڏّ!

○

ڪارونجھر تي مورَ
سوچيو آھ پھاڙ جي
ڪيڏي ترڇي ڪورَ.

○

سِگّ نہ سَرھہ تاڻ
ڇو ٿو وڏين چنڊ ڏي
ڇو نہ مڃين تو آڻ؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيو ”توں ڏز؟“ چي
”بگھڙ اوناڙي ڪري
ڪيڙيءَ ۾ ڪرچي“

○

هي دنيا جا ڪمَ!
اُتي چيلهہ سڌي ڪئي
جيڏي برسيا بمّ!

○

ڪندا ڪندا سَيڙهہ
تو ان جي هاتار سان
ڪانہ ڏني آ ويڙهہ!

○

ڪا شيءِ وسامي
پيهر ٻرٽي ڪانہ آ
هاتيدرء سامي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا تو ڏٺي هيل
اڳ جئن ساڳي آ اُتي
لکيدرَ رابيل؟

○

ڄاڻن ٿا نادان
ڪراچيءَ ۾ ڪيترا
آهن قبرستان؟

○

سِتون اِئن ساهَہ
مڇيون جئن درياھہ مان
وَهِي اچن واهَہ.

○

ٻرَ ڇو ڀٽيائون؟
پوپٽ جيئن اڏار ۾
هيس ڪلهہ آئون!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت وڏو ماري
تنهنجون ڪيڏيون ڪوڙڪيون
دنيا هَچاري.

○

آ حيرت طاري
گلّ لڪائي ڪيترا
تِي تارِي تارِي!

○

مون جو چيو "ڪيئن؟"
گُل، ڦُڙن ۾ ماڪ جي
ٺِڙي چيوّ "هيئن!"

○

ڪنهن ڪنهن ماريندؤ؟
ڪيسين پنهنجي موت جو
تاڻو تاڻيندؤ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد ساريدءُ
مون جو ٻارڻ ٻاريو
تنهن تي گڏ ٿيندءُ.

○

ڄڻ تہ ٻُڌو سنسارُ
ڪيڏي ڇولي نند جي
جنهن جو انت نہ پارُ.

○

ڪيڏي رتوڇاڻ
رستا ڏُٻا رت جا
ڪنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ!

○

گُڙن پيا. گهندَ
مون کي ڪيڏو ڏور تون
سڏين پيئي ننڊَ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڪي ڏينهن پيا
پونگي ڪالهہ پُري وئي
ڏاڍا مينهن پيا.

○

پُون پُون سارا تَر
ڪنهن ڪنهن گهر بجليءَ پڪو
ٻهراڙي مَڇَر!

○

چندُ مٺائنس زرد
هو جو ٻِڪليءَ موڙ تي
آهي ذهشت گرد.

○

ڏرتي، او ڏرتي!
تنهنجي ڪارڻ ڪيتري
پيڙا مون وَرتي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏا تاڪوڙا!
ڪالهه اِئين ماٺهو مُئا
جڻ ڪي ماڪوڙا!

○

چرِ ۾ سرگوشي
لاش وجن تا وَئن تي
ڪيڏي خاموشي!

○

گهاٽو اُڏاٽو،
چا اج ڪنهن راڪيت سان
تاٽو اُڏاٽو؟

○

ماٺهو يا سايا
اورنگيءَ ۾ ڪيرِ، جي
لاشَ ڪٽي آيا.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينگرَ، ڙي نينگرُ!
آهن تنهنجي لڪَ جي
واٽن ڪيڏا وَر.

○

سامهون آهہ دَڙو
چڙهي پيئي نينگري
ڪٽي چيلهہ گهڙو

●

ايڏو ڏورِ نہ ڪاهِ
ڪيسين چڙهندين چوٽيون
هاڻي پيرَ نہ ساهِ.

○

پير وڃي تيڏانهن
آهي اِگتي ڪَربلا
جو بہ وڃي جيڏانهن

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ليکَ لِکيو
تڪجي تنهنجيءَ واٽ ۾
ويهڻ مون نہ سگهيو.

○

آلُڙ ڪان پوءِ ويرَ
ويرَ پٺيان آلُڙ
ماڻهوءَ جي تقدير!

○

ڇا هِي مُنهنجو بخت؟
آهي ڇايا ڪان سوا
مون تي جو بہ درخت!

○

سارَ سِياري سيءُ
ٻاهر ڪِهڙي مونجهہ آ
اونهاري جي هيءُ؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿئن نہ ٻَنين ٻگهہ
ويٺا آهن اُسّ ۾
توڙي اُڏرڻ سَگهہ!

○

پوپٽ! تون ڪيڏانهن
اُڏري وئين واءُ ۾؟
مون تہ ڇيو هيڏانهن...

○

ڪيڏيون چانڊوڪيون!
ڇو تو وسري شاعري
شاعر ڪهڙو تون؟

○

ڪارَن ڪانوَن هُلَ
۽ هو املتاس جا
پيلا پيلا گُلَ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهو مري نيٺ
ڪارا ڪٽڻي واءُ ۾
سايون ٿاريون هيٺ.

○

ڇا تي ڇرڪين تون؟
سينگاريءَ اوچو ٽپو
پاڻيءَ ۾ لهرون.

○

اُسّ هئي ڪارِي
رڳو ڪولهڻ ڳيچ ها
جن تي نه واري.

○

سائيءَ ڇَتيءَ جيئن
بيٺو آهي وڻ مَٿان
لٽا ڀِڄن ڪيئن!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏي ڪُٺارو
جنهن تي اُڏري پَوَنتري
پيهرَ وَسڪارو.

○

واري نہ واري
ايڏيون پتر ڦلڙيون
ڦهليون چوڌاري.

○

ڇا ڪو آهي گهاٽ؟
ڇا ڪو تارٽهار آ؟
منهنجا لڱ اُچاٽُ.

○

موهيو ٻُڌايي
جيئڻ منجهان جيءُ تو
ڏاڍي نہ ڏاڍي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَنّ سگھارو تيئن
نانءَ محمّد جو هيو
آبِ ڪوثر جيئن.

○

پيئڻ ڪاٽڻ لاءِ
نہ، نہ ميان رَبّ ڪِي
آهين پائڻ لاءِ.

○

هيءَ ڪهڙي جهاتي
جنهن سان بي معنيٰ لڳي
ساري حياتي!

○

ٿانءِ نہ ٿيندس مان
ساڳا پنڌ پهاڙ جا
توڏي ايندس مان.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو هڻيلو
توڙي هو سَڪرات ۾
سارين جو تيلو.

○

ڪِيسي ڪَهندس مان
نيٺ ته پنهنجي واٽ تي
ويندي ڏهندس مان.

○

ڪيڏو منهن پِيلو
هن جو سامهون موت جي!
ماڻهو هڻيلو.

○

آهه ڪراچي ڪيئن
ماڻهو روز مرن پيا
مينهن وَساڙن جيئن.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي ڏڍُ نہ ڏڍُ
ٻاهر هلن گوليون
چانئٺ پيرُ نہ ڪڍُ!

○

ٻاڙا ٻي ٻاڙا
سانجهيءَ سِجُ چُپي ويو
ڪراچيءَ ماڙا.

○

جڻ هُوءَ وڻ تي نانهہ
جڻ اوچي آڪاس ۾
آهي نيري چانهہ!

○

گهڙيءَ لاءِ ڪِڙي
ڪيڏا گُلّ ڇڻن پيا
پتيون پتيون ٿِي!

○

مينهن
ڪٽيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرجهيِ ڪيئن پَرانهِن
ڀيج ڀنيءَ جو ٻيٽ تان
اُڏري ويئي سانهہ.

○

ڪنهن جا اچڻ سانگَ
وينا لنوَن سِج لٿي
وٽن مٿان ڪانگ.

○

سارو صوبو ڳهر
اُتر وانگر شاعريءَ
لاڙ، وچولو، ٿَر.

○

هي ماٺهوءَ جا ٻارَ
ڇا لئہ ٻينو تو چنين
اهڙا گُلّ انارَ؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لتو نسِجّ مٿن
ڪنڌيءَ مٿان پارڙا
ڪوڏر جنّ هٿن.

○

پائيندڙ پائي
سنڌو.راهه رَمي وَئي
اڳتي واجهائي.

○

ڪئن چٽجي ڪنهن لاءِ
نم جي وڻ پرسان سڄي
خالي آهه سَراءِ.

○

چانيو سانجهيءَ وَن
جنهن ۾ ناريون سانوريون
چوليون، ڪلفتن.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي جو اوچو بڙ
پاڻ تہ سڙي اُس ۾
سڀ سان اُن جو وڙ.

○

مون جو گهوري مَنڊُ
ڏنو ڪويل ڪُوڪ ڏي
پورنماسيءَ چنڊُ.

○

پيپل تاٰن ڪويل
ڪوڪِي ائن جڻ ڪُوڪ آ
پن پن ۾ پويل.

○

گهر ۾ اوسيئڙا
ڇايا ۾َ بہ پارڙا
نِمُون، نوريئڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچو ڪَھوءَ وَڻُ
هيٺان هڪ زيدار سان
آ ذرتيءَ تي ڏڻُ.

○

سانجھيءَ جي ڪان ڪان
مونکي پتو مُند جو
پيو پکين مان.

○

سدا سائِي پير
هي جا گجي سمنڊ جي
چڻ ڪا ڦرِي پير.

○

ڪيئي ڪجاوا
ساگز مٿان گج جا
ڪاوا ئي ڪاوا.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات رتي آهي
چڻ ڪائي آڪاس ۾
مَڏ متي آهي.

○

سِڄ ڪڍيو جئن سِسُ
آرس اوباسي ڏئي
جاچيو پنهنجو جِس:

○

چڻ تہ ڪرشمو آ
چنڊ ٻُڏي ٿيَ ڪونہ ٿو
گهرو چشمو آ!

○

ڪيڏو پڙهان ٿو
اجان پيو چنڊ ڏي
چاڙهي چڙهان ٿو!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو ناھہ جواب
آئي مند بهار جي
رکيو آنءُ ڪتاب.

○

هيءُ سَرو سامانِ!.
ڪالهہ هيو اڄ ڪونہ آ
ڇا آهي اِنسان!

○

چوليون تہ ناهن
ڄڻ تہ ڪروڙين پيڙيُنِ
ڳُلّ ڪيا آهن؟

○

من مونجهو آهي
هي توکي تقدير چو
اڄ سونجهو آهي؟

○




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ پري بازار!
ڇاجي لاءِ هليو وئين
ايڏي ڏُور ديار؟

○

ڪيڏي يار تڏي
آهين وَيو اوچتو
ڪهڙيءَ لوءِ لڏي؟

○

بَس ڪر، هاڻ نہ لِک!
آخر هُن کي ڇا مليو
ڪجهہ غالب مان سِک!

○

وارياسي اَؤيَڙ...
ڇا آهيَ آڪاس ۾
بادل ڪائي جَڙ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچو آ آڪاسُ
وليون اُن کي ڪئن پُڄن؟
پهچي ويو واسُ.

○

ڏوڙئي ۾ مٽي،
آ تنهنجي ائن موت ۾
صورت آڻ چٽي!

○

ڌرتي منهنجو ديس
جڻ سارو آڪاس آ
مون تي منهنجو ويس.

○

جئن جاڳين، تئن خوابُ
ڌرتيءَ تان اڏري ويو
جڻ ڪو تيز عقاب.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چو چرڪين تو تون؟“
”ماڪَ لڳي ٿي گاهہ تي
نانگن جون اکڙيون.“

○

ماري هرڻيءَ ڪَڏَ
لِڪي لڪا ڪينڪي
واريءَ اندر وَڍ.

○

ڪوتہ اُپائڻهارُ
ٿورو سوچ تہ ڪنهن هٿان
جوڙ اهو جنسارُ.

○

هِن جا ڪهڙا ڏَسَ
هي جيڪو نقاد آ
گورڪنن جاگس

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئي آهي ڪِيرَ
هلڪا جنهنجا ٿا هُرن
چيهي جهڙا پيرَ؟

○

ٿا ڦٽن چوڌار ڏڻ
منڊ آهي مينهن جي
جهنگ ۾ ديوين وَڻ.

○

آشياني ڏانهن باز
نانهہ اوندهہ ۾ ويو
موت ۾ گيسو دراز.

○

زندگي ڪيڏي نہ گُهلَ گهل،
ڪوڪ ڪويل!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نہ آ خوفِ خدا،
سڀ رَوا.

○

آدمي پنهنجي گهرن،
ڇو مَرن؟

○

واهَہ جو تنهنجا بيان!
ڪيڏي ڇتسالي ڪئي
آهہ گولين جي نشان!

○

ڪتيءَ جي آڪاس ۾
اُڀَّ ڪئي ٻُڌَتَر،
اَڇيري نينگر.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي جناب!
زندگي ساري گناهُ
شاعري ساري ثواب!

○

ماءُ تو
ان لئہ جٽيو هو؟
زندگانيءَ جو ڏچو!

○

ڪيترا گل مهر جا
واءُ گُل
چاڙي ڇڏيا!

○

دور تان تنهنجا ٽڙا
جڻ لڳن ٿا
ڏنيرا!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ پائي ڪيم خواب،
بادلن مان
لاجواب!

○

موت جئن خانہ خراب
جو ائين گهرَ تڙ چڙهي
ماهتاب.

○

عمر خوابُ
واهہ ۾ وهندو وڃي
جئن ماهتابُ.

○

دور تي گهوڙي سوارُ
لاش ڪيڏا،
اقتدار!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ سڄو جنجال تو وٽ
ڇا نہ بيت المال آهي
بيت منهنجا مال تو وٽ.

○

رات واسو خوف جو
اڄ گهرن ۾ ٿو ملي
چڙ ڪلاشنڪوف جو.

○

چڙ وڏيندا هو وَٽن،
هن زماني ۾ ڪهاڙيون ٿا ڪٽن!

○

هي پجيرو ۾ عوامي انقلاب،
تيز جئن تقدير هن جي،
ايترو، اُن ڪان شتاب.

○

مينهن
ڪٽيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙي تو ۾ هيون
جيت جي هن دور ۾
بيل گاڏيون!

○

هاڻ، ڪٿن چئنجي هتان
ڪوئي دهشت گرد يا،
ڪوئي رينجر آ پريان

○

ڪيئن چئجي ٿا ڪَٿو
موت جي بازار ۾،
زندگانيءَ جو سَٽو!

○

وهنجندي،
ڪائي ناري فرش تي
مينهَن ۾ جئن گُل ڪِڙي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون سوپاري
مُنهن آئيني جي اڳيان،
ڏندن آڳاري.

○

جاڳُ پنهنجيءَ ننڊ مان
موتُ ٽاٽيدار جو،
ڏِس، حوالاتيءَ هٿان!

○

موت جو مانداڻ آ
ماءُ ڪجهہ ڳولي پئي
ٻار هُن سان ساڻُ آ.

○

هُو، ٻنل وردي وجي ٿي
پر ڪلاشن ڪوف پرسان،
آڻَ اڄ ڪنهنجي مجي ٿي!

○


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات پنهنجي ڪاڻ نفي،
چنڊ ڪيڏو وائڙو!
رات پر ذڪرِ خفي.

○

راهه تي وينل فقيرَ،
جڻن وڌايو هٿ ڪي،
ڇا چيو تي راهگير.

○

شام جو حالي حوالي
الغزالي.

○

هي نه آهي ڪا سَراءِ
مينهن جيسين بند ٿئي،
آءُ اندر، اڪ لاءِ!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي مسافر ڪيترو
پنڌ سانجهيءَ جو ڪندين
سِجُ آ سَر مٿي پُڏو.

○

پَوَنڪڙا ڪيئي ڪُتا
نيٺ ٿڪجي، ماٺ ٿي
ننڊ تنهنجي ۾ سُتا.

○

اشتراڪي سامراج
ڪو رڍن جو ڌڻ نه آ
مارڪس، انساني سماج!

○

نثر تو تنهنجو وٺي،
نظم ڪي ماڻ ڪٺن چڙهندس
بار پيو ڪوئي ڪٺي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ٻڌو تو؟
جيڪي هُيس تلوار وانگر،
داستان گو.

○

تيت ڪنهنجي؟
هيءَ تيهڙ جئن تجوڙي
سيت ڪنهنجي؟

○

شاعري سان ڪئن جهليندين؟
جو بہ ذمّي دار آهي
جنگ تيندي جنگ تيُندي.

○

ٽا ڪِرا ماڻهو ڪٽن
ڪنگ حسرت مان پيا
سَر سُڪي ڪي ڇڻ ڏسن.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيستائين هي پڙاڏو
لڙڪڙائيندو وجي ٿو
آهي توڙي روھ آڏو.

○

ڪيستائين هي چُڪي؟
وقت! هي تنھنجي ندي
نيٺ وجھي آ سُڪي.

○

سانت چيري
گھنڊ چاچا
منھن انڌيري.

○

چانوَ ۾ ٿيستائين ڪٿي ويھه تون
لوھ پيئي لڳي، ڏينھن ناريُ تہ وڄُ!
سڄ پھرين لهي پو جھڳي پيھه تون!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَٺن وساري بنسري
شيام! مون پنهنجي ڪٿي؟
ڇا وڃائيندڙ وري؟

○

ديد منهنجي تي ڏسي
هو فلاحي مملڪت
دور ڄهڙيءَ ناروي.

○

منهن انڌيرو، رات پاڇا
دور تائين تا وڃن اڄ
سانت چيري گهنڊ ڇا ڇا!

○

آ اڃان ڪجهه آس ۾
ڏس ڪڪر اجرڪ ڍڪي
تا اچن آڪاس ۾

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي رونبي ۾ پنوهاريون
خاموشيءَ ۾ گيت ٻڌي ويا
جهونجهڪڙي ۾ جيئن ساريون.

○

ڪيستائين هي قطارون؟
ايترو آهن اڇوتيون
ڪونج! اڄ تنهنجون نِهارون!

○

پل نہ وجهہ تون ست رڃي
سمنڊ کي ٻُولي پئي
پو بہ مڇلي گهر مڃي.

○

لونءَ ۾ لهڪن پيا
زلف تنهنجا رات جو
مُشڪ جئن مهڪن پيا.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سار ڪٿن سگهندينءَ چِني؟
هي سک جو وائرو،
راتڙي.آهي ٻني!

○

چار دن جا ڇهڇها
بزم ۾ هوندا ائين
ڪيستائين ٽهڪڙا.

○

جيئن سنڌءِ رخسار يارِ
ڪيستائين هي گُلاب
ڪيستائين هي انار؟

○

آهه توڙي روهه آڏو
لڙڪڙائيندو وڃي ٿو
ڪيستائين هي پڙاڏو؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دورُ هوندي ڏُور ناهين
اوءِ منهنجي مورتي
دور مون کان مورُ ناهين.

○

عشق جو اظهار مون
جو نہ کلهہ توسان ڪَيو
جو وڃايو پيار مون.

○

مان اگر ميهار آهيان
گهيڙ آ، گهڙندي تہ مرندي
هيل سُهڻيءَ کي بچايان؟

○

ڪجهہ تہ تون ڳائين پئي؟
اڄ ڦٽي ڏيندي جڏهن
وار سلجهائين پئي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نندَ آهي چو ڦٽي
ياد ٿيَ مون کي اچي
اڄ وري تنهنجي گهٽي.

○

ڇڻ وهاڻيءَ ويل جو
ٿي ڪري سَرسر هوا
ڏس ته گل رابيل جو!

○

تون ٻُلي آهين پرين!
مان ته ڪو ميهار ناهيان
گهيڙ ۾ ڇوٽي گهرين؟

○

ٿي گهٽائن مان اَچين
اڄ اتر جي پار کان
تون هوائن مان اَچين!

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانو ٽالهيءَ جي هُئي
عاشقي جنهن جاءِ تي
ڪالهه توسان تي هئي.

○

گيت تنهنجو گهور مان
(آءُ بلي شاهه آهيان)
ٽا وڃن تنبور مان.

○

چڙ شفق ۾ ٿو ڪهين
زندگيءَ جي شام ۾
سج وانگر ٿو لهين.

○

يادگيريون تيون ٻچن
ڳالهڙيون لاهور جون
ياد هرهر تيون اچن.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِمرّ هيٺان نندَ ڏَڻ جي
ڪيتري پياري لڳي!
ڌرتتيءَ ۾ چانوَ وڻ جي.

○

هيءُ چارڻ چَنگ آهي.
جهٽ لڳي، تارا ٽٽي ويو
ڪيترو اَڙٻنگ آهي!

○

لهي سُورج اُجهامي ٿو
شفق آڪاس ۾ آهي
پکي ڪوئي اُڏامي ٿو.

○

ڏينهڙا ڪٽَن ٿا لهن
ماڪَ وانگر لُڙڪ اَڄ
رات جو ڇا ٿا ڪَهن؟

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃان پرندين پيو پَونرا؟

لڳي ٿي لُڪ ٻپهري آ

اچي ويا ٻنڍ ۾ ڏونرا.

○

دوُر تان تنهنجي پُڪار

عمر ڀر ايندي رهي

ترس ٿورو، ڏيرُ ڏار.

○

”ڇٺو نغازي ڇوٽَ آهيان

تَون ڏڄين ڪنهن ڪان پيو ٿو

آنءُ تنهنجي اوٽَ آهيان.“

○

”موت کي تون ماتِ ڏيندين

ڪجھ اڃان ڪَرٽو اٿيئي

پوءِ ايندين، پوءِ ايندين.“

○

ميـنهن

ڪٽـيـون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت وانگر مَڃّ آهي
شاعري تنهنجي ايئن جٿن
مورڙئي جو رَڃّ آهي.

○

ڪير تون؟ ڇا لاءِ آهين؟
تو سڄاتو پاڻ ناهي
دور تو ڪيڏانهن ڪاهين؟

○

واهه ۾ پاڇو ڏسين ٿو؟
ساٿ هُن سان آهه وڻ جو
تون ته لهوارو لُڙهين ٿو!

○

هي نه متارن هَنڌُ
وينئي آهي ماٿ ۾
موڪيءَ ڪُتو منڌ.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري ۾ پوست
اُڏري آيو در منجهان
ٻاهر ڪان پوپٽ.

○

چِت جنهن ڪي چائِتَ
اَڄ چو آئي اوچتو
سا چوڙيلي چِتَ.

○

آنءُ اڪيلو گهٽُ
توڙي ڪندا ٻاٻُرا
پَٽُ لڳي تو پَٽُ.

○

آهي سانجهي تي
اُڏري تو آڪاس ۾
هيڪڙو پنڇي.

○

مينهن
ڪٽيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي هوڏ نہ هٺُ
ڪوئي ساٿ نہ سنگ آ
مان ۽ منهنجو مَٺ.

○

هاڻ رڳو گونجون
ٽوليون ٽي اُڏري ويون
ڪَرڪي سڀ ڪُونجون.

○

ڳولي ڪير لهي
سارس ٻوليو ٻَرپرو
وچ ۾ واهہ وهي.

○

ڪاريءَ اُس ڪَڙهي
اُرهہ نہ ماڻي ڪانچوئو
جئن هوءَ پيٽ چَڙهي.

○



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي سجي ڳِهٽيَ
اُتر واءُ لڳي پيو
اُڏري ٽي مِٽي.

○

ڏور جبل جيڏانهن
ڪونج ڪريڙي اوچتو
اُڏري وئي ڪيڏانهن؟

●

ڪيئن ڪڍايان ڪنڊ
ڏونگرَ ڏينهن لهي ويو
پوءِ بہ نہ پڳو پنڌ.

◎



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book